ماهوار
# سائي ستابي سنڌ
SAI SATABI SINDH
September 2020 | سيپٽمبر

## فهرست


| سيريل نمبر | عنوان | صفحو |
|---|---|---|
| .1 | 14 آگسٽ جشنِ آزادي مبارڪ | 1 |
| .2 | فيلڊ عملي جي تربيت ۽ ڊائريون ڊيٽ | 2 |
| .3 | فيلڊ ڊائري ۽ جي پي ايس ڪيميرا ذريعي زرعي توسيعي سروسز جو آغاز | 3 |
| .4 | سنڌ ۾ ريگستاني ماڪڙ تي ضابطي جو سفر | 5 |
| .5 | ريگستاني ماڪڙ ۽ آبادگار هيلپ لائين 03111646111 | 7 |
| .6 | زراعت کاتو، حڪومتِ سنڌ ۽ سوشل ميڊيا | 8 |
| .7 | لائيو فيسبڪ زرعي مشورن جو پروگرام | 9 |
| .8 | آبادگارن جي سوالن جا جواب | 10 |
| .9 | سنڌي ۽ انگريزي پهرين موبائل فون ايپليڪيشن ”ايگريڪلچر فار نيوٽريشن“ | 16 |
| .10 | وزيراعظم پاڪستان جو شڪايتي پورٽيل | 17 |
| .11 | ڪڻڪ مان سٺي پيداوار ڪڻڻ لاءِ وٿاڻ جي پاڻ جو استعمال | 18 |
| .12 | ڪڻڪ جي ڪرين تي پوک: آبپاشي جو هڪ فائديمند طريقو | 19 |
| .13 | ايگريڪلچر انوارنمينٽ ونگ جوقيام | 21 |


نگران اعليٰ
محمد اسماعيل راهو
وزيرِ زراعت سنڌ

نگران
عبدالرحيم سومرو
سيڪريٽري زراعت سنڌ

چيف ايڊيٽر
هدايت الله ڇڄڙو
ڊائريڪٽر جنرل زرعي توسيع سنڌ

ايڊيٽر
مصطفيٰ نانگراج
انچارج آءِ سي ٽي زرعي توسيع سنڌ

ٽيڪنيڪل ٽيم
فهيم قريشي، ڪاشف پرڙو
رياض چانڊيو غلام نبي ڏاهري

فوٽو گرافي
جميل ۽ رياض حسين

ڊزائين
بلاول عباسي

ڪمپوزنگ
علي انور لغاري
انچارج ڊي آءِ سي دادو

ماهوار
# سائي ستابي سنڌ
SAI SATABI SINDH
September 2020 | سيپٽمبر

## 14 آگسٽ جشنِ آزادي مبارڪ

## 14th August: Independence Day

جشنِ آزادي مبارڪ جو ڏيهاڙو زرعي توسيعي زراعت کاتي حڪومتِ سنڌ پاران زور شور سان ملهايو ويو. جنهن جي مُکيہ تقريب ڊائريڪٽوريٽ جنرل زرعي توسيع شهباز بلڊنگ حيدرآباد ۾ ٿي گذري. هن موقعي تي جناب هدايت الله ڇڄڙو ڊائريڪٽر جنرل پاران جهنڊو لهرايو ۽ قومي نغمو هلايو ۽ پنج رنگي ميووي جي وڻڪاري طور ڪجيءَ جو وڻ پوکيو. اِن سان گڏ هن خوشي جي موقعي تي مٺائي ورهائي وئي. تقريب ۾ ملڪي سلامتي ۽ آبادگارن جي خوشحالي ۽ زرعي ترقي لاءِ دعا گهري وئي. هن تقريب جي خصوصيت اِها بہ هئي تہ ساڳئي وقت سڄي سنڌ جي زرعي توسيعي شعبي جي سمورين آفيسن ۾ جشنِ آزادي جون تقريبون منعقد ڪيون ويون هيون ۽ اُنهن ڪي پهريون پيرو لائيو آءِ سي ٽي زرعي توسيعي مرڪز جي فيسبڪ پيج تي ڏيکاريو ويو. جنهن جا انتظام ۽ ڪارروائي هلائڻ جون ذميواريون مصطفيٰ نانگراج انچارج آءِ سي ٽي زرعي توسيعي مرڪز زرعي توسيع سنڌ نڀايون.

جشنِ آزادي جي مرڪزي تقريب ۾ حيدرآباد مان ڊائريڪٽر جنرل کان علاوه سينيئر عملدارن جهڙوڪ: علي نواز چنڙ، جاويد احمد سمون، ضمير حسين سرهيو، محمد حنيف چانهيو، مصطفيٰ نانگراج ۽ ٻين شرڪت ڪئي. جڏهن تہ سکر مان رسول بخش جوڻيجو ڊويزنل ڊائريڪٽر ۽ سندس ٽيم، لاڙڪاڻي مان لال ڏنو جوڻيجو ڊويزنل ڊائريڪٽر ۽ سندس ٽيم، شهيد بينظير آباد مان غلام مصطفيٰ جمالي ڊويزنل ڊائريڪٽر ۽ سندس ٽيم، ميرپور خاص مان چيتن مل ڊويزنل ڊائريڪٽر ۽ سندس ٽيم تقريب ۾ لائيو شرڪت ڪرڻ سان گڏ پنهنجي آفيس ۾ تقريبون ڪيون ويون. اهڙي طرح هر ضلعي آفيس ۾ بہ تقريبون ٿيون ۽ آن لائين مرڪزي تقريب ۾ شرڪت ڪئي.










ماهوار

# سائي ستابي سنڌ

SAI SATABI SINDH

September 2020 | سيپٽمبر







## فيلڊ عملي جي تربيت ۽ ڊائريون ڏيڻ

## Capacity building of field staff & distribution of Diaries

زرعي توسيع سنڌ پاران فيلڊ اسسٽنٽس لاءِ مخصوص ڊائري تيار ڪئي وئي، جنهن ڊائريءَ اندر فيلڊ اسسٽنٽ پنهنجي آبادگارن کي مشورن ڏيڻ وارن ڏوُرن جا تفصيل لکن ٿا. اُهي ڊائريون اهڙي طرح تيار ڪيون ويون آهن جن مان هر هڪ ڊائريءَ جي هر هڪ پيج تي مخصوص ڪوڊ ڏنل آهي جيڪو ان فيلڊ اسسٽنٽ جي سڃاڻپ ڪرائي ٿو. هي ڊائريون آءِ سي ٽي زرعي توسيعي مرڪز پاران تيار ڪري 20 آگسٽ 2020 تي مختلف علائقن وارين سڀني سنڌ جي آفيسن ڏانهن روانيون ڪيون ويون.

هنن ڊائرين جي پرڻ سان گڏ جي پي ايس ڪيميرا واري ايپليڪيشن جي استعمال ۽ رپورٽنگ جي باري ۾ هر ضلعي جي فيلڊ عملي جون آن لائين تربيتون آءِ سي ٽي زرعي توسيعي مرڪز مان ڪرايون ويون آهن. ان ڪان علاوه عملي کي هيلپ لائين تان روزانو فيلڊ ۾ ايندڙ مشڪلاتن کي پڻ حل ڪيو وڃي ٿو. هيل تائين ڪل آن لائين 25 تربيتون ڪرايون ويون آهن.



آبادگارن کي فيلڊ ۾ وڃي زرعي مشورا ڏيڻ جي تمام گهڻي اهميت آهي. جنهن ذريعي آبادگارن جي پيداوار ۽ منافعو وڌي ٿو. ان سلسلي ۾ زرعي توسيعي شعبي سنڌ پاران پهنجي فيلڊ اسسٽنٽ کي مخصوص قسم جون ڊائريون ڏئي ٽي ڏينهن فيلڊ ۾ وڃي آبادگارن کي مشورا ڏيڻ وارو ڪم ساراه جوڳو آهي ۽ هن پروگرام جي اها ڳالهه اجان به وڌيڪ سٺي آهي ته فيلڊ اسسٽنٽ جنهن آبادگار سان ملندو ان سان جي پي ايس ڪوآرڊينيٽس وارو فوٽو ضرور ڪڍندو. اسان آبادگارن کي خوشي آهي ته زرعي توسيعي شعبي سنڌ جو آءِ سي ٽي زرعي توسيعي مرڪز حيدرآباد آبادگارن جي مشورن لاءِ جديد طريقن کي متعارف ڪرائي رهيو آهي جيڪا وقت جي اهم ضرورت آهي.

(سيد نديم شاه، مثالي آبادگار ۽ سينئر آبادگار، سنڌ آبادگار بورڊ)



زرعي توسيعي کاطي سنڌ پارن آبادگارن کي زرعي مشورا فصل تي وڃي ڏيڻ وارو جيڪو جديد بنيادن تي ڪم شروع ڪيو ويو آهي اهو نهايت ئي ساراهڻ جوڳو آهي. هن ذريعي هر فيلڊ اسسٽنٽ کي جڏهن هفتي ۾ 3 ڏينهن ۽ هڪ ڏينهن تي 3 زميندارن سان ملندو ته ان سان سنڌ جي زراعت ۾ تما گهڻي بهتري ايندي. وڌيڪ بهتر اها ڳاله آهي ته هاڻ فيلڊ اسسٽنٽ پنهنجي آبادگارن سان کيل ملاقاتن کي مخصوص ڊائريءَ ۾ درج ڪرڻ سان گڏ آبادگارن سان جي پي ايس ڪوآرڊينيٽس واري موبائل فون ذريعي ڦوٽو ڪڍي رهيا آهن. جيڪا ڳاله سندن آبادگرن سان کيل ملاقاتن ۽ مشسورن جي تصديق يقيني بڻائيندي. هي نظام سڄي پاڪستان ۾ پهريون پيرو زرعي توسيع سنڌ پارن لاڳو ڪيو آهي. جنهن لاءِ پاڻ کيرون لهڻن ان ڪان علاوه ڊائريڪٽوريٽ زرعي توسيعي مرڪز پارن آبادگار هيلپ لائن روزانو ليئيو فيسبڪ زرعي پروگرام، موبائل فون ايس ايم ايس جهڙا نهايت ئي بهترين ڪم ڪيا پيا وڃن.

(نبي بخش سنيو نائب مثالي آبادگار ۽ سينيئر نائب صدر سنڌ چيمبر آف ايگريڪلچر)










ماهوار
# سائـي ستابي سنڌ
SAI SATABI SINDH
September 2020 | سيپٽمبر

## فيلڊ ڊائري ۽ جي پي ايس ڪيميرا ذريعي زرعي توسيعي سروسز جو آغاز

## Inauguration of ICT Agricultural Extension Services by Using GPS Camera: Pictures with Location & Field Diary

زرعي توسيع، زراعت کاتي حڪومتِ سنڌ پاران آبادگارن کي زرعي مشورا ڏيڻ لاءِ هڪ خصوصي فيلڊ ڊائري (Field Diary) ۾ جي پي ايس ڪيميرا کي متعارف ڪرايو ويو آهي. هن نئين نظام هيٺ زرعي توسيعي شعبي جي هر فيلڊ اسسٽنٽ کي هفتي ۾ 3 ڏينهن ۾ هر ڏينهن تي 3 آبادگارن سان زرعي مشورا ڏيڻ لاءِ ملڻو آهي. ۽ ملڻ وقت زميندار جي ضروري معلومات ۽ ڏنل مشورن کي فيلڊ ڊائريءَ ۾ رڪارڊ ڪرڻ سان گڏ جي پي ايس ڪيميرا واري سافٽ ويئر ذريعي آبادگار سان فوٽو ڪڍڻ لازمي آهي ته جيئن فيلڊ اسسٽنٽ جو فيلڊ جو دورو رڪارڊ تي ۽ رپورٽ تي سگهي. فيلڊ اسسٽنٽ پنهنجي روزاني واري رپورٽ پنهنجي لاڳاپيل ضلعي آفيس اندر قائم ڪيل آءِ سي ٽي زرعي توسيعي سينٽر جي انچارج کي موڪلي ٿو اهو انچارج رپورٽن جي جاچ پڙتال ڪرڻ بعد مرڪزي سينٽر کي موڪلي ٿو جتان سوشل ميڊيا لاءِ اهي رپورٽون جاري ٿين ٿيون.

هي نئون نظام جناب عبدالرحيم سومرو سيڪريٽري زراعت سنڌ جي خصوصي هدايتن ۽ رهنمائي ۾ ۽ جناب هدايت الله چڇڙو ڊائريڪٽر جنرل زرعي توسيع سنڌ جي اڳواٽي ۾ شروع ڪيو ويو آهي. هن پروگرام کي شروع ڪرڻ جي پهرين گڏجاڻي زرعي توسيعي شعبي جي بدين واري ضلعي آفيس ۾ 8 مئي 2020 تي جناب عبدالرحيم سومرو جي صدارت ۾ ٿي. جنهن ۾ جناب هدايت الله چڇڙو ڊائريڪٽر جنرل زرعي توسيع سنڌ حيدرآباد ۽ ٻين عملدارن شرڪت ڪئي.

ان گڏجاڻي ۾ سيڪريٽري صاحب پاران هن نئين زرعي توسيعي ڪم جي شروعات ڪرڻ لاءِ هيٺيون ابتدائي هدايتون جاري ڪيون:

1. هر فيلڊ اسسٽنٽ کي هفتي ۾ 3 ڏينهن ۾ هر ڏينهن تي 3 زميندارن سان ملي زرعي مشورا ڏيڻ گهرجن.






2. فيلڊ اسسٽنٽ جي زميندارن کي مشورن ڏيڻ واري معلومات کي هڪ خصوصي فيلڊ ڊائري ۾ لازمي طور درج ڪرڻ گهرجي. ان لاءِ هڪدم ڊائري تيار ڪري ڇپرائي وڃي ۽ فيلڊ اسسٽنٽس کي فراهم ڪئي وڃي.
3. فيلڊ اسسٽنٽ جڏهن زميندارن کي مشورا ڏيڻ وڃن ته انهن سان گڏ هڪڙي جي پي ايس ڪيميرا واري ايپليڪيشن سان فوٽو ضرور ڪيدي پنهنجي رپورٽ ۾ شامل ڪن.
4. هر ضلعي اندر ابتدا ۾ گهٽ ۾ گهٽ 50 ايڪڙن جو هڪڙو اهڙو مثالي زرعي فارم چونڊيو وڃي جتي زرعي توسيعي عملي پاران زرعي مشورا ڏنا ويندا هجن ته جيئن اهڙن فارمن کي ٻين زميندارن کي ٻه ڏيکاري سگهجي.
5. زرعي توسيعي شعبي جي هر ضلعي آفيس اندر آءِ سي ٽي زرعي توسيعي معلوماتي مرڪز قائم ڪيو وڃي، جتي آبادگار هيلپ لائين موجود هجي ته جيئن آبادگار اتان رهنمائي حاصل ڪري سگهن ۽ هن سينٽر تي فيلڊ عملي جون رپورٽون ڪنيون ٿين ۽ ٻي معلومات پڻ ڪمپيوٽرائيز ٿي سگهي.
6. آفيسن اندر ۽ آس پاس صفائي جو خاص خيال رکڻ سان گڏ وڻ پوکيا وڃن.
7. هن سڄي ڪم جي پذيرائي لاءِ سوشل ميڊيا جي استعمال کي پڻ وڌايو وڃي، جنهن لاءِ کاتي جي فيسبڪ، ٽئوٽر اڪائونٽ، انسٽاگرام وغيره کي استعمال ڪيو وڃي.

هن پروگرام جي افتتاحي تقريب 8 سيپٽمبر 2020 تي ٿي گذري. افتتاح جناب عبدالرحيم سومرو سيڪريٽري زراعت سنڌ پاران آن لائين سڪر مان ڪيو جڏهن ته محترم هدايت الله ڇڄڙو ڊائريڪٽر جنرل زرعي توسيع سنڌ پاران حيدرآباد مان بريفنگ ڏني وئي. اهڙي طرح لاڙڪاڻو نواب شاهه، ڪراچي ۽ ٿرپارڪر مان مختلف ضلعن جي زرعي توسيعي آفيسرن آن لائين تقريب ۾ شرڪت ڪئي.

افتتاحي تقريب ۾ هن نئين نظام تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ سان گڏ هن ڪم کي ساراهيو ويو. ان سان گڏ هن نظام جي مختلف پهلوئن کي ساراهيو ويو. تقريب جو آن لائين انتظام مصطفيٰ نانگراج فوڪل پرسن پاران ڪيو ويو.





# سنڌ ۾ ريگستاني ماڪڙ تي ضابطي جو سفر

# Journey of Desert Locust Control in Sindh



- ريگستاني ماڪڙ جو حملو ڪافي سالن بعد سال 1919ع ۾ سنڌ ۾ 31، مئي 2019ع تي ظاهر ٿيو.
- 3 جون 2019 کان ضابطو ڪرڻ لاءِ ٽيمون جوڙيون ويون ۽ وفاقي پلانٽ پروٽيڪشن ڊپارٽمينٽ پڻ ڦوهاري واريون مشينون موڪليون ۽ زرعي توسيع ٽيمن سان گڏ ضابطو آندو ويو.
- زرعي فيلڊ ٽيمون 57 جوڙيون ويون. جن کي هٿ واريون ڦوهاري جوب مشينون 1000 ۽ سولو پاور مشينون 300 ڏنيون ويون. ان کان علاوه 19 نيون گاڏيون ۽ 6 پراڻيون گاڏيون پڻ هن مهم ۾ استعمال ٿيون.
- گذريل سال 12 ضلع ماڪڙ جي ضد ۾ آيا. جتي فصلن تي پڻ حملو نظر آيو. پر زرعي فيلڊ ٽيمن ڏينهن رات محنت ڪري آبادگارن جا فصل بچايا. ۽ الحمدالله ڪٽڪ جو فصل پڻ بهتر رهيو ۽ سٺي پيداوار حاصل ٿي.
- ماڪڙ جو حملو جون 2019ع کان شروع ٿيو ۽ موسم سازگار رهڻ ڪري فيبروري 2020ع تائين هليو. جنهن تي ضابطي جو تفصيل هن ريت آهي.

| | | |
|---|---|---|
| ➢ فصل جي ايراضي تي ڦوهارو ڪيو ويو زرعي ٽيمن طرفان: | 46,621 | هيڪٽر |
| ➢ ٿر وارن علائقن ۾ گڏيل طور ڦوهارو ڪيو ويو: | 2,57,789 | هيڪٽر |
| ➢ 2 جهاز ٿر جي علائقن ۾ استعمال ٿيا: | 18,622 | هيڪٽر |
| ➢ ٽوٽل ايراضي جنهن تي ڦوهارو ڪيو ويو. | 3,26,032 | هيڪٽر |

- گذريل سال روينيو ڊپارٽمينٽ، لوڪل ڪميونٽي ۽ وفاقي پلانٽ پروٽيڪشن ڪاتي سهڪار ڪيو.
- 4 ڊسمبر 2019ع تي سنڌ گورنمينٽ ايمرجنسي نافذ ڪئي.
- ۽ وفاقي حڪومت پڻ ”نيشنل ايڪشن پلان“ ترتيب ڏنو. جنهن ۾ پاڪ آرمي، اين ڊي ايم اي پڻ شامل ٿيا ۽ صوبائي ليول تي PDMA، روينيو ۽ لوڪل ڪميونٽي جا نمائندا پڻ شامل ٿيا.
- ماڪڙ جي ضابطي لاءِ نيشنل ايڪشن پلان منظور ڪيو ويو جيڪو وفاقي ڪابنه جي منظوريءَ بعد 7 فيبروري تي نافذ ٿيو.
- جنهن جون 3 اسٽيج هيون. يعني ”بريڊنگ سيزن“ هيون.
  1. جنوري کان ڊسمبر 2020 بلوچستان.
  2. جولاءِ کان ڊسمبر 2020 سنڌ ۽ بلوچستان.
  3. جنوري 2021 کان جون 2021 بلوچستان.
- سال 2020 ۾ شروعاتي ماڪڙ جو حملو انڊيا کان جتا آيا. جيڪي گهوٽڪي جي ٿر واري علائقي ۾ 8

اپريل 2020 تي ظاهر ٿيا ۽ وفاقي پلانٽ پروٽيڪشن ۽ زرعي ٽيمن جي گڏيل ڪوشش سان ضابطي هيٺ آندا ويا. جتي 10,145 هيڪٽرن تي ڦوهارو ڪيو ويو.

- ان کان پوءِ بلوچستان کان ماڪڙ آئي جيڪا ڪشمور ضلعي ۾ 12 اپريل 2020 تي آئي. اتي پڻ پاڪ آرمي، روينيو ڊپارٽمينٽ NDMA ۽ PDMA ۽ وفاقي پلانٽ پروٽيڪشن جي سهڪار سان ضابطو آندو ويو. جتي 8,381 هيڪٽرن تي ڦوهارو ڪيو ويو.
- سال 2020ع ۾ سنڌ جا تقريباً سڀ ضلعا ماڪڙ کان متاثر ٿيا. ٽوٽل 24 ضلعا.
- جتي سنڌ گورنمينٽ طرفان ماڪڙ جي ضابطي خاطر گاڏيون 32 شامل ڪيون ويون ۽ فيلڊ ٽيمون پڻ 106 تائين وڌايون ويون ۽ عملي جو تعداد 478 هيو.

| | |
|---|---|
| ➢ سولو پاور ڦوهاري جون مشينون | 1010 |
| ➢ هٿ واريون مشينون | 1000 |
| ➢ گاڏيءَ تي لڳل ڦوهاري جون مشينون | 88 |
| ➢ ٽريڪٽر تي استعمال ٿيندڙ مشينون | 21 |

- سڀني ادارن جي گڏيل سهڪار سان هن وقت ماڪڙ تي مڪمل ضابطو آندو ويو آهي ۽ جيڪڏهن ڪٿي به ڪنهن ماڪڙ جي جتي جو اطلاع ملي ٿو ته فوراً ڦوهارو ڪري آبادگارن جا فصل بچايا وڃن ٿا.

هن سال جي رپورٽ هن ريت آهي:

- سڀني ضلعن ۾ ماڪڙ متعلق روزانه بنياد تي سروي ڪئي ويندي آهي. جيڪا 21 سيپٽمبر 2020 تائين 10,880,047 هيڪٽر (11 ملين هيڪٽر)

| | | |
|---|---|---|
| ➢ وفاقي پلانٽ پروٽيڪشن جي گاڏين جو ڦوهارو | 58,687 | هيڪٽر تي |
| ➢ زرعي ٽيمن جو فصلن تي ڦوهارو | 60,235 | هيڪٽر تي |
| ➢ ٽوٽل ايريا تي ڦوهارو ڪيل | 118,922 | هيڪٽر تي |
| ➢ وفاقي اداري اپريل ۾ اسپريل ڪيو | 2,400 | هيڪٽرن تي |

- آبادگارن جي شڪايتن لاءِ ڪال سينٽر پڻ شروع ڪيو ويو آهي. جيڪو 1 مئي کان ڪم ڪري رهيو آهي ۽ اڄ تائين 1370 آبادگارن ماڪڙ متعلق اطلاع ڏنو آهي. جيڪو سڀ فوراً ڪارروائي ڪري حل ڪيا ويا آهن.
- فيلڊ عملي کي FAO طرفان ٽرينگون ڏياريون ويون آهن ته E-Locust-3m ۽ E-Locust 3g ۽ GPS متعلق ڄاڻ حاصل ڪري سروي ۽ ڪنٽرو جو عمل ڪن.

(علي نواز چنڙ، ڊائريڪٽر ٽيڪنيڪل)

ماهوار

# سائي ستابي سنڌ

SAI SATABI SINDH

September 2020 | سيپٽمبر

## ريگستاني ماڪڙ ۽ آبادگار هيلپ لائين 03111646111

## Desert Locust & Farmer Helpline 03111646111

سنڌ ۾ هن سال (2020) ۾ لڳ ڀڳ ساڳئي وقت ڪووڊ-19 (Covid-19) وائرس ۽ ريگستاني ماڪڙ (Desert Locust) جهڙن ٻن اهم مشڪلاتن مُنهن ڪڍيو جن زراعت سان لاڳاپيل سمورن ماڻهن: آبادگارن، زرعي عملي وغيره کي شديد متاثر ڪيو. وائرس جي شدت ۽ لاڪ ڊائون جي ڪري پبلڪ ٽرانسپورٽ نه هئڻ جي ڪري آبادگارن پاران ريگستاني ماڪڙ جي ضابطي لاءِ زرعي توسيعي آفيسن ۾ اچي آسانيءَ سان اطلاع ڏيڻ مشڪل هئو جنهن ڳالهه کي محسوس ڪندي زرعي توسيع، زراعت کاتي، حڪومتِ سنڌ پاران ڊائريڪٽوريٽ جنرل جي آءِ سي ٽي زرعي توسيعي مرڪز اندر 11 مئي 2020 تي هڪ خصوصي آبادگار هيلپ لائين 03111646111 قائم ڪئي وئي. هن هيلپ لائن جي نمبر کي ٽي وي، ريڊيو، آبادگارن جي تنظيمن جي گروپن ۽ زرعي عملي ذريعي آبادگارن تائين پهچايو ويو ته جيئن جنهن به آبادگار جي فصل يا علائقي ۾ ماڪڙ نظر اچي ته هيلپ لائين تي اطلاع ڏنو وڃي. ۽ جيئن ئي اُهو اطلاع هيلپ لائين تي پهتو پئي ته هڪدم اُهو اطلاع لاڳاپيل زرعي توسيعي فيلڊ ٽيم کي فون ذريعي ڏنو پئي ويو ۽ اُها ٽيم بنا دير آبادگار سان فون تي رابطو ڪري ماڪڙ جي اطلاع واري جاءِ تي پهچي ضروري قدم کڻي رهي هئي. اهڙي طرح اُهي ٽيمون پنهنجي رپورٽ روزانو پنهنجي ڪيل ڪاررواين جي آءِ سي ٽي زرعي توسيعي مرڪز کي پهچائي رهيون هيون ۽ اُهي رپورٽون اعليٰ حڪام تائين رسايون پئي وئيون.

آبادگار هيلپ لائين تي آيل اطلاعن جي نتيجي ۾ ڪل 1367 آبادگارن کي گهر ويٺي ماڪڙ جي ضابطي واري سهولت زرعي توسيعي شعبي پاران فراهم ڪئي وئي. جنهن کي آبادگارن سميت سمورين ڌرين پاران ساراهيو ويو. هن ڪيل تجربي مان اِها ڳالهه واضع ٿي وئي آهي ته قدرتي آفتن جي حالت ۾ ماڻهن جي سهائتا لاءِ موبائل فون هيلپ لائين اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي.




District where complaints in Process

★ Number of Complaints Received: 1370

■ Number of Complaints Resolved:1370

● Number of Complaints in Process:0






ماهوار
# سائي ستابي سنڌ
SAI SATABI SINDH
September 2020 | سيپٽمبر



# زراعت کاتو، حڪومتِ سنڌ ۾ سوشل ميڊيا

## Social Media Tools of Department of Agriculture, Supply & Prices Government of Sindh

مواصلاتي وسيلن مان سوشل ميڊيا هن وقت سڄي دنيا جي هر شعبي اندر اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي. جنهن ڳالهه کي مدِ نظر رکندي زراعت کاتي حڪومتِ سنڌ پاران فيسبڪ پيج، ٽوئيٽر اڪائونٽ ۽ انسٽاگرام اڪائونٽ جوڙيا ويا آهن. جن تي کاتي جي ڪمن ڪارين متعلق معلومات روزاني جي بنياد تي موڪلي پئي وڃي ته جيئن وڌ کان وڌ ماڻهن تائين ضروري معلومات پهچي سگهي.

ان سلسلي ۾ زرعي توسيع سنڌ حيدرآباد، زرعي تحقيق سنڌ ٽنڊوڄام، زرعي انجنيئرنگ سنڌ حيدرآباد، واٽر مئنيجمينٽ سنڌ حيدرآباد سميت ٻين کاتي جي لاڳاپيل شعبن جي معلومات شامل ڪرڻ سان گڏ وزيرِ زراعت سنڌ ۽ سيڪريٽري زراعت سنڌ جي گڏجاڻين، محڪماتي دؤرن وغيره جون رپورٽون پڻ رکيون وڃن ٿيون. جڏهن ته اعليٰ صطحي شخصيتن ۽ وفدن جون محڪمي متعلق ٿيندڙ سرگرميون شامل ڪيون وڃن ٿيون.

سوشل ميڊيا جي استعمال جي سلسلي ۾ زرعي توسيعي شعبي جي فيلڊ عملي کي خصوصي تربيتون پڻ ڏنيون ويون آهن ته جيئن هُو به هن جديد مواصلاتي نظام جو سڌي ريت حصو بڻجي وڌ کان وڌ آبادگارن تائين پهچي زرعي پيغام رساني جو ڪم ڪري سگهن.












ماهوار
سائي ستابي سنڌ
SAI SATABI SINDH
September 2020 | سيپٽمبر

# لائيو فيسبڪ زرعي مشورن جو پروگرام

## Live Facebook Farmer Advisory Service

ڊائريڪٽوريٽ جنرل زرعي توسيع سنڌ. آءِ سي ٽي زرعي توسيعي مرڪز پاران روزاني آبادگارن کي زرعي مشورا ڏيڻ جو لائيو فيسبڪ پروگرام تجرباتي طور تي شروع ڪيو ويو آهي. هن پروگرام ۾ آبادگارن پاران سينٽر تي فون ذريعي آيل سوالن جا جواب ۽ لائيو پروگرام ۾ شرڪت ڪندڙن جي سوالن جا جواب ڏنا وڃن ٿا. ان سان گڏ مختلف آبادگار تنظيمن جهڙوڪ: سنڌ آبادگار بورڊ ۽ چيمبر آف ايگريڪلچر وغيره جي فيسبڪ پيجن تي آبادگارن جي ايندڙ سوالن کي گڏ ڪري انهن جا پڻ هن لائيو فيسبڪ پيج جي پروگرام ۾ جواب ڏنا وڃن ٿا. ان کان علاوه لائيو فيسبڪ جي هن پروگرام ۾ زرعي توسيعي شعبي جي فيلڊ عملي کي شامل ڪيو ويجي ٿو ته جيئن انهن جي ڪم ڪار ۽ رابطي متعلق آبادگارن کي ڄاڻ ڏني وڃي.

هي لائيو فيسبڪ جو پروگرام روزانو منجهند جو 2 وڳي سومرو کان خميس جي ڏينهن تي پيش ڪيو ويجي ٿو. جنهن ۾ زرعي ماهر سوالن جا جواب ڏين ٿا. هن پروگرام جي ميزباني مصطفيٰ نانگراج ڪري ٿو. هن پروگرام ۾ شريڪ ٿيڻ جي ايڊريس آهي:



ماهوار
سائـي ستابي سنڌ
SAI SATABI SINDH
September 2020 | سيپٽمبر

# آبادگارن جا سوال ۽ سندن جواب

آءِ سي ٽي زرعي توسيعي مرڪز، زرعي توسيع سنڌ جي ماهرن وٽ مختلف آبادگارن جا روزانو جيڪي سوال پهچن ٿا تن جا تڏي ٽي ئي هيلپ لائين تان، فيسبڪ ذريعي، موبائل فون، ايس ايم ايس ذريعي جواب ڏنا وڃن ٿا. پر انهن مان ڪئين اهڙا سوال آهن جيڪي اڪثر آبادگارن کي درپيش مسئلن سان لاڳاپيل آهن. انڪري هتي اسين اهڙن اهم سوالن جا جواب ڏيون ٿا ته جيئن وڌيڪ آبادگارن کي فائدو پهچي سگهي. آبادگارن دوستن کي صلاح ڏجي ٿي ته اهي اسان جي آبادگار هيلپ لائين 03111646111 تي آفيس جي وقت ۾ فون ڪري هر قسم جو زرعي مشورو حاصل ڪري سگهن ٿا.



## وونئڻن جي رس چوسڻ وارا جيت ۽ پن مروڙ وائرس

وونئڻن جي فصل ۾ سائو مهلو، اڇي مک، ٿرڙو ۽ سست مهلو حملي آور ٿين ٿا. جن مان اڇي مک پن مروڙ وائرس کي وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. تنهنڪري وونئڻن جي فصل ۾ جتي اڇي مک نظر اچي ته ان کي هڪدم ضابطي ۾ آڻڻ گهرجي. اڇي مک جي ضابطي لاءِ ڊيلفيڪس 200 ملي ليٽر يا پولو 200 ملي ليٽر يا اميڊا ڪلوپرڊ 250 ملي ليٽر في ايڪڙ ڦوهارو ڪجي ۽ هنن مان ڪنهن به هڪ  زهر جي استعمال ڪرڻ سان جيڪي به رس چوسيندڙ جيت حملو ڪن ٿا انهن تي به ضابطو آڻي سگهجي ٿو

## پن مروڙ وائرس جون مکيہ نشانيون هن ريت آهن.



1. پن شروعات ۾ گهنججڻ شروع ٿيندا آهن.
2. پنن جون هيٺيون رڳون ٿلهيون ٿيڻ شروع ٿينديون آهن.
3. حملي جي شدت ۾ پنن جي هيٺيان واري مکيہ رڳ جي مٿان ننڍڙا پن نڪرڻ شروع ڪندا آهن.
4. پن مروڙ جي ظاهر ٿيڻ شرط متاثر ٻوٽن يا ٻوٽن جي متاثر حصن کي تيز اوزار سان وڏي پلاسٽڪ جي پاچڪ ۾ وهجهي ٻاهر ڪڍي وڃي ساڙي ڇڏجي. جنهن بعد فصل ۾ گڏ ڪيڏي گندگاه صاف ڪري اين. پي. ڪي جو محلول ناهي يا مارڪيٽ ۾ پاڙياٺ وارو اي. پي. ڪي. وٺي ان جو استعمال ڪجي ته جيئن فصل ۾ قو مدافعت وڌي ۽ پيداوار سني لهي.

## وونڻن جا چٻائڻ وارا جيت ۽ انهن جو حل

وونڻن جي فصل کي چباڙي ڪائڻ وارن جيتن ۾ لشڪري سنڍي، آمريڪن سنڍي، چٽڪمري سنڍي ۽ گلابي سنڍي اچن ٿا.

| | | |
|---|---|---|
| گلابي سنڊي | هي سنڊي گوگڙي جي اندر وڃي اندران گوگڙي کي بند ڪري اندر ٻج کي کائي ختم ڪري ٿي. ان جي تدارڪ لاءِ پروايڪس 100 ملي ليٽر يا بولٽن 500 ملي ليٽر يا لارسبين 100 سي. سي. في ايڪڙ ڦوهارو ڪريو. |  |
| آمريڪن سنڊي | هي سنڊي ٻوٽي جي 1.5 کان 2 فٽ مٿيئن واري حصي تي بيضا لاهي ٿي. ۽ هي سنڊي ڄڏهن ڏينن تي حملو ڪري ٿي ته ڏينن ۾ سوراخ ڪري اڌ منهن اندر ڪري اندار پئي ڪائيندي آهي ۽ اڌ ٻاهر رهيل پاسي مان فاضل مادو خارج پئي ڪندي آهي. ان جي تدارڪ لاءِ پوليٽرن سي 600 ملي ليٽر يا پروڪليم 200 ملي ليٽر يا ڊيسيس 80 ملي ليٽريا لارسبين 200 کان 250 ملي ليٽر في ايڪڙ ڦوهارو ڪريو. |  |
| ڇٽڪمري سنڊي | هي سڄي ڏينن جي اندر وڃي سوراخ ڪولي ڇڏي ٿي ۽ اندران ئي اندران ڏيني کي ڪائي فاضل مادو ٻاهر پئي خارج ڪندي آهي. ان جي تدارڪ لاءِ پوليٽرن سي 600 ملي ليٽريا 330 ملي ليٽر يا پروايڪسس 500 ملي ليٽر في ايڪڙ ڦوهارو ڪريو. |  |
| لشڪري سنڊي | هي سنڊي پنن کي ڪائي ناس ڪري ڇڏي ٿي ۽ هي هميشه لشڪر جي صورت ۾ ايندي آهي پنن جي هيٺيان ڳچن ۾ بيضا لاهي ٿي. ان جي تدارڪ لاءِ ميچ 200 ملي ليٽر يا ليچ 200 ملي ليٽر يا بيلٽ 25 ملي ليٽر في ايڪڙ ڦوهارو ڪجي. |  |

## سارين ۾ پن ويڙهو ۽ ڏانڊي وارو ڪينئون





سارين ۾ پن ويڙهو ۽ ڏانڊي وارو ڪينئون ڪافي نقصان پهچائي ٿو. پن ويڙهي جي نشاني هي آهي ته پنن کي ڪولي ڏسبو ته ته پن اندر جيت نظر ايندو۽ پنن مٿان اڇا نشان هوندا ۽ هلڪو جارو به نظر ايندو. جنهن جي ضابطي لاءِ جيڪڏهن سارين نيسر ۾ آهن ته ان لاءِ ايماميڪٽن 30 کان 35 سي. سي. في ڻانڪي ڦوهارو ڪجي. پر جيڪڏهن سارين نيسر ۾ نه آهن ته ان جي لاءِ ليمڊاسيهائيلوٿرين 40 سي.سي. في ڻانڪي ڦوهارو ڪجي ۽ ڏانڊي واري ڪيئين جي نشاني هي آهي ته جيڪڏهن سارين جي ڏانڊي کي ڪولي ڏسبو ته ان اندر جيت هوندو ۽ اندر پور نظر ايندو جيڪڏهن ان جو ضابطو هڪدم نه ڪيو ته اهو ڪافي نقصان ڏئي سگهي ٿو. ڏانڊي واري ڪينئي جي ضابطي لاءِ ڪارٽيپ داڻيدار زرعي زهر جي 9 ڪلو واري هڪ بيگ في ايڪڙ ڇٽ ڪجي.

## گذريل سال کان سارين ۾ کس واري بيماري جون شڪايتون اچن پيون.

کس ٿيڻ جا ڪافي ڪارڻ آهن جهڙوڪ: گهٽي گرمي جو هجڻ، پاڇاٽي جنس کي آڳاٽو ڪري پوکڻ، وقت تي ٻوران جو استعمال نه ڪرڻ، بيماري وغيره. ان جي تدارڪ لاءِ پهنجي علائقي ۽ آبهوا جي حساب سان وقت تي پوک ڪجي ۽ اهو جنسون پوکجن جنهن ۾ گرمي برداشت جي ڪرڻ جي سگهه هجي ۽ رونبي جي 40 کان 50 ڏينهن بعد ٻوران جو استعمال ڪرڻ گهرجي ۽ ٻج کي ڦنگي مار زرعي زهر سان ملائجي پوءِ استعمال ڪجي.

## مرچن ۾ موڙ ۽ گل ڇڻڻ جا سبب ۽ ان جو تدارڪ



1. مرچن ۾ موڙ جو سبب متاثر ٿيل ٻج جو استعمال ڪرڻ آهي.

تدارڪ: موڙ جي بيماري کان بچاءَ لاءِ پهريان ته صحتمند ٻج جو استعمال ڪجي ۽ ٻج بيماري کان پاڪ هجي. متاثر ٿيل ٻوٽا ٻاهر ڪڍي انهن کي ٻاه ڏئي ساڙي ڇڏجي. موڙ لاءِ ڪابه فنجي سائيڊ جهڙوڪ: ريڊومل گولڊ



250 گرام في ايڪڙ يا اسڪور 150 ملي ليٽر يا ريوس 240 ملي ليٽر يا ڪاپرآڪسيڪلورائيڊ 500 گرام في ايڪڙ ڦوهارو ڪجي. نوٽ جيڪڏهن حملو شديد هجي ته هي عمل 10 کان 12 ڏينهن بعد ٻيهر دهرائجي.

جون جي ڪري

تدارڪ: جيڪڏهن موڙ جون جي ڪري آهي ته ان جي ضابطي لاءِ پروفينوفاس 500 ملي ليٽر يا ابيامڪٽن 300 ملي ليٽر في ايڪڙ ڦوهارو ڪجي.

ٿرزي جي ڪري

تدارڪ: جيڪڏهن موڙ ٿرپس جي ڪري آهي ته ان جي ضابطي لاءِ ڪلوروفيناپائر 200 ملي ليٽر يا ريڊينٽ 0 ملي ليٽر يا ٽريسر 80 ملي ليٽر يا پروفينوفاس 500 ملي ليٽر ڦوهارو ڪجي.

موسم جي ڪري ۽ گرمي جي شدد جي ڪري

## مرچن ۾ گل جو ڇڻڻ

مرچن ۾ گل ڇڻڻ جا ڪارڻ

ڄاري دار سينور

ٻوري دار سينور

پاڻي جو گهٽ يا وڌ استعمال

خوراڪي جزن جي گهٽتائي

جيڪڏهن گل ڄاري دار سينور يا ٻوري دار سينور جي ڪري ڇڻن ٿا ته ان جي ضابطي لاءِ ڪابه ڦنگي سائيڊ زرعي زهر جهڙوڪ: ريڊومل گولڊ 250 گرام في ايڪڙ يا اسڪور 150 ملي ليٽر يا ريوس 240 ملي ليٽر ۽ ڪاپرآڪسيڪلورائيڊ 500 گرام في ايڪڙ ڦوهارو ڪريو.

جيڪڏهن ڇاڻو پاڻي جي ڪري آهي ته پهنجي فصل کي مناسب پاڻي ڏيو. پاڻي جيڪڏهن وڌيڪ هوندو يا گهٽ هوندو انهن ٻنهي صورتن ۾ ڇاڻو ٿي سگهي ٿو.

مرچن جي فصل کي خوراڪي جزن جي کمي جي ڪري به ڇاڻو ٿئي ٿو. ان لاءِ فصل ۾ خوراڪي جزن جي فرهامي مناسب بڻايو.

## بصر جي چوٽي جي ساڙ واري بيماري





بصر جي چوٽي جي ساڙڻ جا مکيه ڪارڻ هي آهن هڪ ته آبادگار مجهند جي وقت بصر کي پاڻي ڏئي ٿو جيڪو گرم پاڻي هوندو آهي جنهن جي ڪري بصر جي ڪاڏي ناهڻ واري پاڙ متاثر ٿئي ٿي ۽ چوٽي سڙي ٿي ٻيو پوٽاش جي گهٽتائي جي ڪري به چوٽي سڙي ٿي ۽ جيتن ۽ بيمارين جي ڪري به بصر جي پوٽي سڙي ٿي

تدارڪ: بصر جي فصل کي پاڻي شام جي وقت ۾ ڏجي ۽ بصر جي فصل ۾ پاڻ جو استعمال وقت تي ۽ جنهن ۾ خوراڪي جزي جي ڪوٽ هجي ان جو استعمال ڪجي. بيماري کان پاڪ ٻج جو استعمال ڪجي. ٻج پوکڻ وقت ٻج کي ڪنهن به ڦنگي مار زرعي زهر جهڙوڪ: ٽاپسن ايم يا ايروسال 2 کان 3 گرام في ليٽر پاڻي ۾ ملائي ٻيجاري جي پاڙن کي 10 منٽ پسائجي يا سڪي ٻج کي 15 منٽ ٻوڙي پوءِ پوکجي ته ڪافي حد تائين بيماري کان بچاءَ ٿي سگهي ٿو.



## بصر جي پنن جو ڪينئون

ليف فگما بصر جي پنن جو ڪينئون آھي. ان جيت جي ضابطي لاءِ ٽريسر 80 کان 120 ملي ليٽر يا ميچ 200 ملي ليٽر في ايڪڙ ڦوھارو ڪرڻ سان ڪنھن حد تائين روڪي سگھجي ٿو.

## سيپٽمبر ۽ آڪٽوبر مھينن ۾ کھڙيون ڀاڄيون پوکي سگھجن ٿيون.





سيپٽمبر آڪٽوبر مھينن کان سياري واريون ڀاڄيون پوکي سگھجن ٿيون جھڙوڪ: بصر

بصر جي فصل کي سرد ۽ وچولي قسم جي آبھوا جي ضرورت پوي ٿي. سنڌ ۾ ڏاکڻي علائقي جي آبھوا بصر پوکڻ لاءِ وڌيڪ موزون آھي. بصرن جي ڀاڙن يا ڳنڍين جي سني واڌ لاءِ 12 کان 20 گرمي جي درجي حرارت جي ضرورت پوي ٿي. ٻوٽن جي پوکڻ ۽ پنن وغيره جي واڌ لاءِ 20 کان 22 گرمي جي درجي حرارت جي ضرورت پوي ٿي. سنڌ ۾ بصرن جي آڳاٽي پوک جولاءِ کان آگسٽ ۽ رونبو آگسٽ کان سيپٽمبر تائين ڪجي ۽ پاڇاٽي پوک جنوري مھيني تائين ڪئي وڃي ٿي.

## بند گوبي





بند گوبي جو ٻيجارو آگسٽ يا سيپٽمبر ۽ آڪٽوبر جي مھينن ۾ پوکيو ويندو آھي ۽ رونبو ڊسمبر يا آڪٽوبر ۽ نومبر جي مھينن ۾ ڪيو ويندو آھي. جيڪو ڊسمبر جي آخر کان لھڻ شروع ٿيندي آھي. بندگوبي جي پاڇاٽي فصل لاءِ ٻيجارو نومبر جي مھيني ۾ تيار ڪجي ۽ رونبو ڊسمبر ۾ ڪجي. ھي فصل فيبروري ۽ مارچ جي مھينن تائين ھلندو آھي. بند گوبي جي ڪرين وارو مفاصلو ٻہ کان اڍائي فٽ ۽ ٻوٽن جي وچ ۾ ڏيڍ کان ٻہ فٽ مفاصلو رکجي.

## ٿوم





ھن فصل کي واڌ ويجھہ لاءِ سرد موسم جي ضرورت پوي ٿي. ٻوٽن جي واڌ ويجھہ لاءِ ننڍن ڏينھن ۽ وڏين راتين جي ضرورت پوي ٿي ۽ ڳڙين جي واڌ ويجھہ لاءِ وڏن ڏينھن ۽ ننڍين راتين جي گھرج پوي ٿي. ٿوم جو سائي حالت ۾ پڻ وڏي پئماني تي استعمال ٿئي ٿو. تنھنڪري ھن فصل جي آڳاٽي پوک سيپٽمبر کان شروع ٿئي ٿي ۽ نومبر تائين ھلي ٿي. ٿوم جي پوکي سيپٽمبر ۽ آڪٽوبر ۾ ڪئي وڃي ٿي ۽ ڪن حالتن ۾ نومبر تائين پوکي سگھجي ٿي. ٿوم سڌي زمين تي قطارن ۾ پوکي وڃي ٿي. ٻن قطارن جي وچ ۾ مفاصلو ڇھ انچ کان ھڪ فٽ ۽ ٻن ٻوٽن جي وچ ۾ مفاصلو 3 کان 4 انچن جو رکڻ گھرجي.

## ٽماٽا





ھي فصل وچولي آبھوا ۾ سنو ٿئي ٿو. ھي فصل نہ تمام گھڻي گرمي نہ تمام گھڻي سردي برداشت ڪرڻ جي قوت رکي ٿو. ٽماٽي جي فصل کي سرد ھوائن ۽ پاري کان بچائڻ لاءِ ضروري آھي تہ ان کي ڍڪجي. ڇاڪاڻ تہ ڍڪڻ سان ٻوٽا سرد ھوائن کان بچن ٿا. ٽماٽن جي آڳاٽي فصل پوکڻ لاءِ ٻيجارو جون کان جولاءِ ۽ آگسٽ جي مھينن ۾ پوکيو ويندو آھي ۽ رونبو آگسٽ جي مھيني ۾ شروع ڪاميابيءَ سان پوکي سگھجي ٿو. ھي فصل وچولي ۽ اتر سنڌ ۾ گھڻي گرمي ڪري سنو نٿو ٿئي. ٽماٽي جو ٻيجارو ڇھن ھفتن اندر رنبي جي لائق ٿي وڃي ٿو. جيڪڏھن ٻيجاري ۾ گندگاھ جا ٻوٽا ھجن تہ انھن کي ھٿ سان چڪي ڪيڻ گھرجي.



ماهوار
سائي ستابي سنڌ
SAI SATABI SINDH
September 2020 | سيپٽمبر

## پٽائي گجر




هي ربيع جو فصل آهي. پر هن فصل ۾ ڪنهن حد تائين گرمي سهڻ جي صلاحيت به موجود آهي. ٻوٽن جي مناسب واڌ ويجهه لاءِ 17 کان 18 درجي جي ضرورت پوي ٿي. پٽائي گجرن جون آڳاٽيون جنسون آگسٽ يا سيپٽمبر کان آڪٽوبر تائين پوکي سگهجن ٿيون. جڏهن ته منڌائتي پوک نومبر ۾ ڪجي ۽ پاڇاٽي پوک ڊسمبر ۾ ڪجي. جيئن ته هي پاڙن وارو فصل آهي ۽ پاڙن جي مناسب واڌ ڪرين تي ٿئي ٿي ۽ پيداوار به سٺي ملي ٿي. تنهنڪري هن فصل جي پوک ڪرين تي ڪرڻ لازمي آهي. ڪرين جي قطارن وارو مفاصلو به ڪان اڍائي فٽ هئڻ گهرجي. ڪرين جي ٻنهي پاسن کان رنبي يا ڪنهن ڇهنبياري ڪائيءَ جي مدد سان 3 سينٽي ميٽر گهريون ليڪون ڪڍي انهن ۾ ٻج ڇٽي مٽي سان ڍڪي ۽ زمين کي پاڻي ڏجي. پاڻي خيال سان ڏجي ته جيئن پاڻي ٻج واري سطح تائين نه پهچي ٻيءَ صورت ۾ ٻج ڪونه ڦٽندو.

## پٽاٽا




پٽاٽن جو فصل سمنڊ جي سطح کان وٺي 2800 کان 14000 فوٽن جي بلندي تائين ڪاميابيءَ سان پوکي سگهجي ٿو. هن فصل جي ٻوٽن کي جيتوڻيڪ سرد موسم جي ضرورت پوي ٿي، پر تنهن هوندي به ٻوٽا پارو برداشت نه ٿا ڪري سگهن. پٽاٽن جو فصل 15 کا 21 سينٽي گريڊ درجه حرارت ۾ سٺي پيداوار ڏئي ٿو. هن فصل ۾ وڌيڪ گرمي برداشت ڪرڻ جي قوت تمام گهٽ آهي. جڏهن گرمي 29 درجه حرارت کان وڌي ٿي ته پٽاٽن جي واڌ رڪجي وڃي ٿي. تنهنڪري سنڌ ۾ بهار وارو فصل ايترو ڪامياب نٿو ٿئي. پٽاٽن جي سيني جنسن لا سفارش ڪيل وقت پهرين آڪٽوبر کان پهرين نومبر آهي. بهار واري فصل پوکڻ جو وقت جنوري جو مهينو آهي. پٽاٽن جون سفارش ڪيل جنس جو ٻج ڪنهن ڀروسي واري هنڌ تان وٺڻ گهرجي فصل پوکڻ کان هڪ هفتو اڳ پٽاٽو ٿڌن گودامن مان ڪڍجي ته جيئن ٻج ۾ ڦوٽهڙو شروع ٿئي.

## پالڪ




اسان وٽ پالڪ جون ٻه مکيه جنسون پوکيون وڃن ٿيون. انهن ۾ هڪ ديسي پالڪ ۽ ٻي انگريزي يا ولائيتي پالڪ آهي. ولائيتي پالڪ جا پن وڏا ٿين ٿا ۽ هي سڄو سال ڪاميابيءَ سان پوکي سگهجي ٿي. انگريزي پالڪ گرمي برداشت ڪرڻ جي سهپ وڌيڪ رکي ٿي. تنهنڪري اونهاري ۾ به ملي ٿي. ربيع جي موسم ۾ پوکيل فصل جلد وڌي ٿو ۽ پيداوار به وڌيڪ ڏئي ٿو. ديسي پالڪ ربيع جي موسم ۾ پوکي وڃي ٿي. هن فصل جي ٻوٽن ۾ گهڻي گرمي سهڻ جي قوت يا سگهه گهٽ آهي. جنهن جي پوک آڪٽوبر کان ڊسمبر تائين پوکي وڃي ٿي. ڪرين جي وچ ۾ مفاصلو به ڪان اڍائي فٽ رکڻ گهرجي.

## ڌاڻا




هي ربيع جو فصل آهي. ڌاڻن جي فصل کي سرد موسم جي ضرورت پوي ٿي. ڌاڻن جي ٻج حاصل ڪرڻ لا هن جي پوکي آڪٽوبر جي وچ کان نومبر جي آخري هفتي تائين ڪري سگهجي ٿي. ساون ڌاڻن لاءِ تقريبن ڌاڻن جو فصل سڄو سال پوکيو وڃي ٿو.

## سلاد

هي ربيع جو فصل آهي. هن ٻوٽن کي پڻ سرد آبهوا جي ضرورت پوي ٿي. هي فصل سيپٽمبر کان نومبر جي مهينن ۾ پوکيو ويندو آهي ۽ اسرڻ بعد هن جا پن ڊسمبر کان وٺي مارچ تائين سلاد لاءِ پٽيا رهيا آهن.

ماهوار
# سائي ستابي سنڌ
SAI SATABI SINDH
September 2020 | سيپٽمبر

## گوگڙو

گوگڙو ربيع جي ڀاڄين وارن فصلن مان هڪ آهي. گوگڙو جي واڌ لاءِ سرد موسم گهرجي. هي فصل پنهنجو ٻج ٻئي سال پچائي ٿو. هي فصل سائي گاهه لاءِ برسيم ۽ لوسڻ وغيره سان پڻ گڏي پوکيو ويندو آهي. گوگڙن جا پن ساڳ طور ۽ پاڙون ڀاڄي طور استعمال ڪيون وڃن ٿيون. هن فصل جي پاڙن ۾ نشاستو ملي ٿو جيڪو مکيه خوراڪي جزو آهي.

## گل گوبيءَ

گل گوبيءَ جي ٻوٽي کي سرد موسم جي ضرورت پوي ٿي. بند گوبيءَ جي مقابلي ۾ هن کي گهٽ سرديءَ جي ضرورت پوي ٿي. گل گوبيءَ جي ٻوٽن ۾ گرمي سهڻ جي به قوت يا سگهه موجود آهي. گل گوبيءَ خوراڪ جي لحاظ کان به وڏي اهميت رکي ٿي. هن ۾ وٽامنس اي ۽ سي سان گڏوگڏ معدني جزا جهڙوڪ لوڻ، لوهه، فاسفورس ۽ چن پڻ ڪافي مقدار ۾ موجود آهن. گل گوبيءَ جو ٻيجارو آگسٽ ۽ سيپٽمبر ۾ پوکيو ويندو آهي. جڏهن ته گل گوبيءَ جي پوکي وقت آگسٽ ۽ سيپٽمبر جي مهينن ۾ گرمي گهٽجي ٿيندي آهي. تنهنڪري ٻيجاري کي گرم هوائن کان بچائڻ لاءِ يا ته باغن ۾ ٻيجارو تيار ڪجي يا ٻيجاري کي ڍڪڻ گهرجي. هن ٻيجاري جو رونبو سيپٽمبر کان نومبر جي مهينن تائين ڪيو ويندو آهي. هي فصل نومبر کان جنوري تائين گل ڏيندو آهي.

## ڳنڍ گوبي

ڳنڍ گوبيءَ کي به بند گوبيءَ وانگر سرد موسم جي ضرورت پوي ٿي. هن فصل جو ٻيجارو سيپٽمبر ۽ آڪٽوبر جي مهينن ۾ تيار ڪيو ويندو آهي نومبر ۽ ڊسمبر جي مهينن ۾ رونبو ڪيو ويندو آهي.

## موري

هي فصل پوري سنڌ ۾ پوکيو وڃي ٿو. جيتوڻيڪ سرد موسم جو فصل آهي پر هن ۾ گرمي سهڻ جي صلاحيت به موجود آهي. هي فصل تيار ٿيڻ ۾ تورو وقت وٺي ٿو ۽ ٻن مهينن ۾ تيار ٿي وڃي ٿو. سياري جي موسم ۾ پوکيل فصل جو ذائقو آڳاٽي پوکيل فصل جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ سوادي هوندي آهي ۽ پيداوار به وڌيڪ ڏيندو آهي.

## مٽر

مٽر سياري يا ربيع جي مکيه ڀاڄين ۾ شمار ٿين ٿا. هن فصل ۾ وڌيڪ گرمي سهڻ جي قوت ناهي. پاري پوڻ ڪري گلن ۽ تازين پيدا ٿيل ڦرين تي ساڙ جو اثر ٿئي ٿو. مٽرن جي سني واڌ ويجهه 13 کان 18 درجي حرارت تي ٿئي ٿي. سنڌ جي ڏاکڻين علائقن ۾ مٽرن جي آڳاٽي فصل جي پوک آڪٽوبر کان شروع ڪجي ۽ پوکي نومبر جي آخري هفتي تائين ختم ڪجي. اتر سنڌ ۾ هن فصل جي پوک نومبر جي مهيني ۾ شروع ڪجي ۽ ڊسمبر جي پهرئين هفتي ۾ پوکي ختم ڪجي.

## هربو يا ميٿي

هي ربيع جو فصل آهي ۽ هي فصل ڀاڄي ۽ مصالي طور استعمال ٿيندو آهي. هربو سيپٽمبر کان وٺي نومبر تائين پوکي سگهجي ٿو. ساون پنن لاءِ هربي جي پوک جنوري جي آخري هفتي تائين پوکي سگهجي ٿي. پوکڻ کان پوءِ فصل ڏيڍ مهيني اندر ڪٽائي يا لاب جي قابل ٿي ويندو آهي.

زرعي ماهر: مصطفيٰ نانگراج، فهيم قريشي، ڪاشف پرڙو، رياض چانڊيو
آءِ سي ٽي زرعي توسيع مرڪز

ماهوار
سائي ستابي سنڌ
SAI SATABI SINDH
September 2020 | سيپٽمبر

# سنڌي انگريزي پهرين موبائل فون ايپليڪيشن ”ايگريڪلچر فار نيوٽريشن“

## Mobile Phone Android Application: agriculture for nutrition

زرعي توسيعي عملي، آبادگارن، اين جي اوز ۽ ٻين لاڳاپيل ڌرين جي سهولت لاءِ پهرين اهڙي موبائل فون لاءِ ايپليڪيشن تيار ڪئي وئي آهي، جنهن جو مواد نه صرف انگريزي ٻوليءَ ۾ آهي پر اُهو سنڌي زبان ۾ به تيار ڪري شامل ڪيو ويو آهي ته جيئن هڪ طرف انگريزي نه پڙهي سگهندڙ ماڻهو به هن ايپليڪيشن مان فائدو حاصل ڪري سگهن ۽ ٻئي طرف سنڌي زبان جي سائنسي ترقيءَ ۾ پڻ حصو شامل ڪري سگهجي. هي ايپليڪيشن گوگل پلي اسٽور (Google Play Store) تي موجود آهي، جتان لنڪ تان مفت ڊائونلوڊ ڪري استعمال ڪري سگهجي ٿي.

هن موبائل فون جي ايپليڪيشن اندر هيٺيون مُکيه مواد موجود آهي :

1. فصلن ۽ باغن جي پوکيءَ جا ڪيلينڊر
2. فصلن جي خوراڪي ۽ طبي اهميت
3. آبادگار ڪال سينٽر تي رابطي جا تفصيل
4. گهريلو واڙي پوکڻ جا طريقا
5. پنج رنگي زراعت متعلق چارٽ
6. فصلن جي جيتن ۽ بيمارين جي ضابطي جا غير ڪيميائي طريقا.
7. صحت بخش زراعت جي معلومات

هن ايپليڪيشن جو خيال، مواد ۽ تياري مصطفيٰ نانگراج ڪئي ۽ آءِ سي ٽي زرعي توسيعي مرڪز جي پليٽ فارم تان منظرعام تي آندي وئي آهي. جنهن جي ملڪي ۽ عالمي سطح تي پذيرائي ملي رهي آهي.











ماهوار
سائي ستابي سنڌ
SAI SATABI SINDH
September 2020 | سيپٽمبر

# وزير اعظم پاڪستان جو شڪايتي پورٽيل

## Prime Minister Complain Portal

آئي سي ٽي زرعي توسيعي مرڪز زرعي توسيعي سنڌ پنهجي بين ڪمن سان گڏوگڏ آبادگارن ۽ ٻين لاڳاپيل ماڻهن طرفان وزيراعظم پاڪستان جي قائم ڪيل شڪايتن واري پورٽيل ۾ ايندڙ شڪايتن ڪي پڻ ترت حل ڪري ٿو. هن وقت تائين آئي سي ٽي زرعي توسيعي مرڪز ۾ 273 شڪايتون پهتيون آهن جن مان 263 شڪايتون حل ٿي چڪيون آهن جڏهن تہ باقي 10 حل جي مختلف مرحلن ۾ آهن. شڪايتن جي حل جو طريقو هي آهي تہ آبادگار پورٽل ۾ شڪايت اماڻين ٿا جن کي ڊائريڪٽر جنرل زرعي توسيعي مرڪز سنڌ جي اڳيان هدايتن جي لاءِ پيش ڪيو وڃي ٿو ۽ ڏنل هدايتن مطابق لاڳاپيل آفيس کي ضروري قدم کڻڻ لاءِ لکيو وڃي ٿو. جتان ضروري قدم کنيا وڃن ٿا ۽ پورٽيل تي اهو جواب شڪايت گذار ڏانهن موڪليو وڃي ٿو. لاڳاپيل آفيسون شڪايت گذار جو هر ممڪن ڪوشش ڪري تدارڪ ڪن ٿيون ۽ ڊائريڪٽر جنرل زرعي توسيعي مرڪز سنڌ جي پاران هن مرڪز ذريعي جلد کان جلد پورٽيل تي آيل شڪايتن جو اعلان ڪيو وڃي ٿو.

Pakistan Citizen's Portal (PCP)

PRIME MINISTER'S PERFORMANCE DELIVERY UNIT | CONSIDER IT DELIVERED





# ڪڻڪ مان سٺي پيداوار ڪڻڻ لاءِ وٿاڻ جي ياڙ جو استعمال

## Use of farm yard manure for better wheat yield

ڪڻڪ جي فصل مان ڪي مثالي آبادگار 80 مڻ في ايڪڙ تائين به پيداوار ڪڻن ٿا جڏهن ته سراسري پيداوار اُن جي مقابلي ۾ بنهه ئي گهٽ آهي جنهن جا ڪئين ڪارڻ آهن. جن مان زمين جي ڪمزوري به هڪ آهي. عام طور تي آبادگار زمينن ۾ سڄو سال فصل پوکن ٿا ۽ اُنهن ۾ وٿاڻ جو ياڙ بنهه ئي نٿا وجهن مٿان وري ڪافي جاين تي نهري پاڻيءَ بجاءِ ٽيوب ويل جو پاڻي واپرائن ٿا. جنهن جي ڪري نه صرف زمينون ڪمزور ٿين ٿيون پر اُهي سخت به ٿي وڃن ٿيون جنهن جي نتيجي ۾ ڪڻڪ جي صلي کي پاڙ هڻڻ ۾ مشڪل ٿئي ٿي ۽ پيداوار گهٽ لهي ٿي. اهڙين سخت ۽ نامياتي مادي ۾ ڪمزور سخت زمينن ۾ جيڪو ڪيميائي ياڻ ڏنو وڃي ٿو اُهي به گهٽ ڳري ٿو. ان لاءِ ضروري آهي ته آبادگار هن سال پنهنجي ڪڻڪ واري زمين جي تياريءَ وقت گهٽ ۾ گهٽ 3 ٽرڪون وٿاڻ جي ياڻ جون وجهي زمين کي هر هڻي مٿا اڌ ٻوري يوريا ياڻ في ايڪڙ حساب سان ڏئي چڱي ريت ريج ڪن. جنهن بعد وٺ اچڻ تي زمين کيڙي ڪڻڪ جي پوکي ڪن ته پيداوار به سٺي لهندي ۽ زمين به ايندڙ مند واري فصل لاءِ ڀلي ٿي ويندي.

يوريا ياڻ ڏيڻ جو مقصد هي آهي ته وٿاڻ جي ياڻ کي جلد زمين اندر ڳارجي ته جيئن ڪڻڪ کي طاقت ملي سگهي.

پوکي جي مُند: نومبر کان ڊسمبر جا مهينا

جنسون: ٽي ڊي-1، سڪرنڊ-1، ٻٿائي، مارئي 2000، مومل 2002، انمول 91، سرسبز ڪرن- 95، خرمن، سسئي ۽ ٽنڊوڄام 83 وغيره جن مان ٽي ڊي-1 سڄي مند ۾ پوکي وڃ کان وڌ پيداوار ڪٽي سگهجي ٿي.

اهڙي طرح پا اٽي پوکيءَ ۾ ٽنڊوڄام 83 بهترين آهي جنهن کي به سڄي مند ۾ پوکي ڪري سگهجي ٿي.

ٻج: تصديق ٿيل ٻج جا 50 کان 60 ڪلوگرام في ايڪڙ استعمال ڪجن.

ڪيميائي ياڻ: اُن لاءِ هن وقت ئي پنهنجي زمين جي مٽيءَ جي ۽ پاڻيءَ جي ليبارٽريءَ مان چڪاس ڪرائي ليبارٽري جي سفارش مطابق ياڻ ڏيڻ گهرجي.






مصطفيٰ نانگراج
انچارج آءِ سي ٽي زرعي توسيع سنڌ

## ڪڻڪ جي ڪرين تي پوک: آبپاشي جو هڪ فائديمند طريقو

### ڇا توهان کي هنن مان ڪو مسئلو درپيش آهي؟

- ڪڻڪ جي فصل جي گهٽ پيداوار.
- گندگاهه جي باعث فصل جو غير معياري ٿيڻ.
- زرعي پاڻي جي گهٽتائي.

### ڪرين تي پوک ڇوڪجي؟

- عام طرح سان سنڌ ۾ آبادگار ڪڻڪ جي فصل ۾ غير ضروري، غير موزن روائتي بوڏ وارو طريقو استعمال ڪن ٿا. نتيجي ۾قيمتي پاڻي ۽ غزائي جزا زيان ٿي وڃن ٿا.



آبپاشي جي لاءِ روائتي طريقن جي استعمال سان پاڻي گهڻي مقدار ۾ ضايع ٿئي ٿو.

### ڪرين تي ڪڻڪ جي پوک جا فائدا:

- فصل جي پيداوار ۾ 25% اضافو ٿئي ٿو.
- زرعي پاڻيءَ جي 30-50% تائين بچت.
- گندگاهه جو گهٽ ڦٽڻ.
- فصل جو مشين يا هٿ جي ذريعي لابارو آسانيءَ سان ڪري سگهجي ٿو.
- برسات جي گڏ تيل پاڻيءَ جو معمولي اثر ٿئي ٿو.
- برسات جي پاڻيءَ جو نيڪال ڪرڻ ۾ 40% بچت ٿئي ٿي.
- ڪرين جي وچ ۾ ڪمند جي گڏيل پوک آسانيءَ سان ڪري سگهجي ٿي.



ڀاڻ ۽ ٻج جي استعمال جو طريقو.



عام ٽريڪٽر ۽ ڪرين واري هر جي مدد سان ڪرين جي تياري.



ڪرين ۾ پاڻي ڏيڻ سان 30-50% تائين بچت ٿئي ٿي.



**ڪڻڪ جي ڪرين تي پوک ڪهڙي طريقي سان ڪجي؟**

- زمين کي هر ۽ سنهور جي ذريعي تيار ڪجي.
- تيار ڪيل خشڪ زمين ۾ سفارش ڪيل ٻج ۽ بنيادي ڀاڻ استعمال ڪجي.
- ڪرين ناهڻ واري هر جي مدد سان ڪريا ناهجن.
- نالين مان ڀاڻ ۽ ٻج ڪرين تي ڳڏ ٿي ويندو.
- ڪرين ۾ پاڻي جي اوچائي جي سطح 60-70% تائين رکجي.
- ڪرين ۾ پاڻي متاهين سطح تائين نه ڏيڻ گهرجي.



ڪڻڪ جي پوکيل فصل ۾ ڪمند جي ڳڏيل پوک.

**اضافي فائدا: ڪڻڪ جي فصل ۾ ڪمند جي ڳڏيل پوک.**

- فصل جي پيداوار ۾ بهتري.
- ڀاڻ جي گهٽ ۾ گهٽ ضرورت
- ٻنهي فصلن جي لاءِ ساڳئي پاڻي جو استعمال.
- فصل جي پيدائش تي گهٽ ۾ گهٽ خرچ.
- ڪمند جي فصل ۾گند گاه وارن ٻوٽن جو گهٽ پيدائيڻ.

**ڪجهه اهم ۽ غور طلب ڳالهيون**

- ڪڻڪ جي پوک15 کان 30 نومبر تائين ڪرڻ گهرجي.
- ڪڻڪ جي ٻج لاءِ سٺي جنس جو انتخاب ڪجي.
- سٺي ۽ معياري ٻج جو استعمال ڪجي.
- ڪرين جي تياري کان پهريان زمين جي بهتر نموني تياري ڪرڻ گهرجي.
- ليزر جي ذريعي تيار ڪيل زمين، پاڻيءَ جي بچت ۽ فصل جي پيداوار واڌائڻ ۾ گهڻوفائديمند ثابت ٿئي ٿي.
- موزون ۽ صحيح وقت تي (ڀاڻ ۽ پاڻي) جي استعمال سان وڌيک پيدوار حاصل ڪري سگهجي ٿي.



ڪمند جي ڳڏيل پوک ڪڻڪ جي لاباري کان پوءِ.



ڪرين ۾ پوک جولاباروآسان ٿيندو آهي.

(محمد يوسف چنه، پرنسپال زرعي تربياتي ادارو سڪرنڊ)

# زراعت کاتي حڪومت سنڌ طرفان سنڌ ۾ وڏي پئماني تي وڻ پوکڻ لاءِ ”ايگريڪلچر انوارنمينٽ ونگ جوقيام“



ماحولياتي گدلاڻ سبب جتي ڌرتي جي گولي کي هاجيڪار نقصان پهتو آهي اتي زرعي معيشيت کي پڻ ڪاپاري ڌڪ رسيو آهي موسمياتي تبديلين سبب بي مندائتا طوفاني مينهن وسڻ، گرمي جو پد وڌڻ، خشڪ سالي ۽ ٻوڏ سبب زرعي پئداوار کي وڏو نقصان پهچي ٿو. ماهرن جو چوڻ آهي ته ايگرو فاريسٽري ۾ پوکيءَ لائق زمينن تي وڻ پوکڻ سان ئي ماحولياتي هاجيڪار نقصانن کي گهٽ ڪري سگهجي ٿو، وڻ لڳائڻ سان هوا مان ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ گهٽائي زمين ۽ ماحول کي صحت مند بڻائي سگهجي ٿو. ان حقيقت کي مد نظر رکندي زراعت کاتي حڪومت سنڌ طرفان وزير زراعت محمد اسماعيل راهو جي هدايتن موجب سنڌ ۾ وڏي پئماني تي وڻ پوکڻ لاءِ ”ايگريڪلچر انوارنمينٽ ونگ “ جوڙڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي، ان ڏس ۾ گذريل ڏينهن زراعت کاتي جي سيڪريٽري عبدالرحيم سومرو جي صدارت ۾ هڪ اهم گڏجاڻي ٿي گذري جنهن ۾ کاتي جي پلاننگ ۽ مانيٽرنگ جي ڊائريڪٽر جنرل امداد ميمڻ ۽ ڊي جي آن فارم واٽر مئنيجمنٽ ونگ  ٺارو مل دوداڻي، ڊي جي ٽريننگ شاهد آرائين ۽ پي ڊي سياپيپ پروگرام نديم شاه ۽ ٻين شرڪت ڪئي. گڏجاڻي ۾ فيصلو ڪيو ويو ته سموري سنڌ ۾ زراعت کاتي جي ذيلي ادارن زرعي توسيع کاتي، رزعي انجنيئرنگ ونگ  زرعي ريسرچ ونگ ايگريڪلچر پلاننگ ۽ مانيٽرنگ ونگ  جي طرفان وڻن پوکڻ جي مهم کي مثالي بڻايو ويندو ان لاءِ  پڪا ڪيل واٽر ڪورسز جي ٻنهي ڪنارن تي ٻه لک چاليهه هزار (اوينيو) ڪلوميٽرن ۾ آن  فارم واٽر مئنيجمنٽ ڊپارٽمينٽ ۽ آبادگارن جي واٽر ڪورس ايسوسيئيشن جي گڏيل سهڪار سان لکن جي تعداد ۾ وڻ پوکيا ويندا ان کان  علاوه زراعت کاتي جي هر فيلڊ آفيسر کي پنهنجي انتظامي حد ۾ وڻ پوکڻ جو ٽارگيٽ ڏنو ويندو جڏهن ته گرين بيلٽ ۽ اربن فارسٽ جي سري هيٺ   زراعت کاتي جي فيلڊ آفيسن ۽ مختلف ذيلي ادرن جي آفيسن  ريسرچ انسٽيٽيوٽس انجئرنگ ورڪشاپس   ۾ پڻ وڏي انگ ۾ وڻ پوکيا ويندا  جيئن ماحوليات جي گدلاڻ جو ازالو ٿي سگهي ۽ انسانن، جانورن ۽  پکين کي بهترين ماحول ميسر ٿي سگهيهيءِ ونگ لاڳيتو پورو سال ان ڏس ۾ ڪم ڪندي رهندي-



کراچی (3اکتوبر2020)ماحولیاتی آلودگی کی وجہ سے جہاں پر اس دھرتی کے گولے کو بڑانقصان پہنچاہے تو وہاں معیشیت کو بھی بڑا دہچکا لگا ہے, موسمیاتی تبدیلی کے باعث طوفانی بارشیں ہونے کی وجہ سے گرمی میں اضافہ ہونا, خشک سالی اور سیلاب کے باعث زرعی پیداوار کو بھی بڑانقصان پہنچتا ہے. خشک سالی اور سیلاب سے زرعی پیداوار کو بڑانقصان پہنچ رہاہے. ماھرین کا کہناہے کہ ایگروفاریسٹری کے تحت زرعی زمینوں پر شجرکاری کر کے کے ماحولیات کو ہونے والے نقصانات کو کم کیا جاسکتا ہے, درخت لگاکے ہوا سے کاربان ڈائی آکسائیڈ میں کمی کر کے زرعی زمین اور ماحول کو صحت مند بنایا جاسکتاہے. اس بات کو مد نظر رکھتے ہوئے محکمہ زراعت حکومت سندھ کی جانب سے وزیر زراعت محمد اسماعیل راہو کی ھدایت پر سندھ میں بڑی تعداد میں درخت لگانے کے لئے "ایگریکلچر انوارنمینٹ ونگ" بنانے کا فیصلہ کیا گیاہے. اس حوالے سے گزشتہ روز محکمہ زراعت کے سیکریٹری عبدالرحیم سومرو کی زیر صدارت ایک اہم اجلاس ہوا, جس میں محکمہ کے پلاننگ اور مانیٹرنگ کے ڈی.جی امداد میمن اور ڈی.جی آن فارم واٹر مینجمینٹ ونگ ٹھارو مل دودانی, ڈی.جی ٹریننگ شاھد آرائیں اور پی ڈی سیاپیپ پروگرام ندیم شاہ اور دیگر نے شرکت کی. اجلاس میں فیصلہ کیا گیا کہ پوری سندھ میں محکمہ زراعت کے متعلقہ اداروں زرعی توسیع, زرعی انجینئرنگ ونگ, زرعی ریسرچ ونگ, ایگریکلچر پلاننگ اور مانیٹرنگ ونگ کے جانب سے شجرکاری مھم کو مثالی بنایا جائے گا, اس کے لیے پکے کیے گئے واٹر کورسز کے دونوں اطراف کناروں پر دولاکھ چالیس ھزار (اوینیو) کلومیٹرز میں آن فارم واٹر مینجمینٹ محکمہ اور کسانوں کی واٹر کورس ایسوسیئیشن کے مشترکہ تعاون سے لاکھوں تعداد میں درخت لگائے جائیں گے. اس کہ علاوہ محکمہ زراعت کے ہر ایک فیلڈ افسر کو اپنی انتظامی حدود میں آبادگارون کے تعاون سے درخت لگانے کا ٹارگیٹ دیا جائے گا, جب کہ گرین بیلٹ اور اربن فارسٹ کے تحت محکمہ زراعت کی فیلڈ دفاتر اور مختلف زیلی اداروں کے دفاتر ریسرچ انسٹیٹیوٹس انجنیئرنگ ورکشاپ میں بڑی تعداد میں درخت لگائے جائیں گے تاکہ ماحولیاتی آلودگی کا ازالہ کیا جاسکے تاکہ انسانون, جانوروں اور پنچھیوں کو بھتر ماحول میسر ہوسکے. یہ ونگ روزانہ کی بنیاد پر پورا سال اس شعبہ میں کام کرتی رہے گی.

ماهوار
# سائي ستابي سنڌ
SAI SATABI SINDH
September 2020 | سيپٽمبر

زرعي معلومات ۽ مشورن لاءِ :

سنڌ حڪومت جي

## آبادگار ڪال سينٽر

## 0311-1646111

تي آفيس وارن ڏينهن تي آفيس واري وقت ۾ رابطو ڪري

زرعي ماهرن کان مشورا حاصل ڪريو.




**ICT Agricultural Extension Services Center, Agriculture Extension, Agriculture, Supply and Prices Department, Government of Sindh**

+92 311 1646111 ictagrisindhapp@gmail.com www.ictagrisindh.gov.pk ictagriculturalextensionservicessindh